درد جون شڪليون



عاجز ميرواهي

چوتون
شعري
مجموعو

درد جون شڪليون

عاجز ميرواهي

سڀ حق واسطا شاعر وٽ محفوظ

ڪتاب 34

ڪتاب جو نالو: درد جون شڪليون
ليکڪ : عاجز ميرواهي
ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي
ڇپيندڙ : البرڪت پريس
سال : 2010
ملهه : 70/- روپيه

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

لغاري بڪ ڊپو ٺري ميرواهه
ڪنول پليڪيشن قمبر
المهراڻ فائونڊيشن سانگهڙ
شاهه لطيف ڪتاب گهر حيدرآباد
پيا ڪتاب گهر
ساڪي سنگت esaakhi@gmail.com

ارپنا

انهن
اورچ انسانن کي
جن دنيا ۾
درد ڏنا
سور سٺا
۽
ڏک ورتا.

سٽاءُ

07 مهاڳ

14 پنهنجي پاران

15 حمد

17 دعا در خدا

19 نعت

20 منقبت

21 غزل

73 آزاد نظم

77 وائي

79 چئو سٽا

مهاڳ

عاجز مير واهيءَ جي درد جون شڪليون

تغير پذير هن ڪائنات جي هر شيءِ وقت ۽ حالتن سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان تبديل ٿيندي رهي ٿي، ڪنهن بہ شيءِ تي جمود سدائين لاءِ طاري نہ ٿو رهي. جو تہ جمود هاجيڪاريءَ جو ڪارڻ ٿيندو آهي ۽ هاجيڪاري ڪائنات، دنيا، جهان، انسان ۽ انساني معاشري ڪي ڇيهو رسائيندي آهي. جسم ۾ گردش ڪندڙ رت تي جسم جي ڪنهن حصي ۾ جمود طاري ٿيندو تہ اهو ڦٽ ۽ ڦرڙيءَ جو روپ وٺندو، ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ واري گردش تي جمود طاري ٿي ويندو تہ اهو گدلو ۽ گندو پاڻي ٿي پوندو ۽ ماڻهو ماريندو، دولت جي گردش ختم ٿي ويندي ۽ اها هڪ هٿ کان ٻئي هٿ يا هڪ فرد کان ٻئي فرد تائين پهچڻ بدران ڍڳ ٻڌجي ڪنهن جي گوڏن هيٺيان جمودي صورت وٺندي تہ اوچ نيچ ۽ سماجي نابرابريءَ کي جنم ڏيندي. اهڙيءَ طرح انساني سوچ تي جمود طاري ٿيندو تہ فڪر ۽ تدبر مرٽينگ صورت اختيار ڪندا. انسان انهيءَ ڪري پنهنجي سوچن جي سنسار کي دائم ۽ قائم رکڻ لاءِ مختلف طريقا ڪتب آڻيندو رهيو آهي. علم ادب ۽ خاص طور تي شاعريءَ سان شغف رکڻ بہ سندس انهيءَ ضرورت جو پڙاڏاو ٿيندو آهي. اڄوڪي دور ۾ اڄ جو انسان پنهنجي لڪٽين، شاعريءَ ذريعي ٻوڙو ٻڌي آچار ڪري ٿو.

تغير پذيريءَ جي اصول مطابق شاعري بہ فن خواهہ فڪر جي حوالي سان مختلف دورن ۾ مختلف روپ وٺندي رهي آهي. ڪو وقت هئو تہ شاعريءَ "پهاڪن ۽ چوٽين" جو پاراٽو ويس ورتو. وقت گذرندو ويو تہ شاعري ڳاهہ دوهو ۽ بيت جو جامو اختيار ڪيو. پوءِ وائي ۽ ڪافيءَ جنم ورتو. هاڻي فني حوالي ان شاعري ڪيترين صنفن جو ڪٽنب جوڙي ورتو آهي.

ماضيءَ ۾ شاعريءَ جي اها سڃاڻ ڄاتي ويندي هئي تہ سني ۽ معياري شاعري اها آهي، جيڪا "ڳاتي وڃي." بلاشڪ اڄ بہ شاعريءَ جي اها وڏي ڄاڻ سڃاڻ آهي، پر شاعريءَ جي افاديت ان کي ڄاتو ٿو وڃي تہ اها سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جو موثر ذريعو آهي. اڄ جي شاعري ويچار- ساگر ۾ سوچ - سپنن جي اضافي ڪرڻ ڏانءُ آهي. اهي سوچ - سپون، جن ۾

انيڪ ماڻڪ ۽ موتي تين تا، ۽ اهي جيڪڏهن جڳ کي نہ آڇيا ويا تہ اجايا ۽ اڪارتا ٿي پوندا.

اسان جي سنڌي ۽ سباجهي شاعر عاجز ميرواهيءَ انهيءَ ۽ اهڙي وکر جو وڻجارو آهي. جيڪا اهم ڳالهہ پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري ٿي، سا اها آهي تہ هو شاعري کي "درد جون شڪليون" چئي ٿو. جهڙوڪ هن جي نظرن ۾ شاعري اهو تخليقي پورهيو آهي، جيڪو درد مان جنم وٺي ٿو ۽ درد کي جنم ڏئي ٿو.

عاجز ميرواهيءَ جي شاعريءَ جي هن چوٿين مجموعي جو نالو آهي، "درد جون شڪليون". هن اهو نالو، هن ڪتاب ۾ شامل شاعري جي هڪ مطلع مان کنيو آهي، جيڪو آهي:

درد، شڪليون جڏهن پيي ڌاري ٿو
پوءِ حقيقت سڄي ڏيکاري ٿو ......

عاجز "درد" کي ئي وڏي وٿ ڄاڻي ٿو. هن مثال ڏئي "درد" جي اهميت ۽ عظمت کي بيان ڪيو آهي. جيئن لطيف سائين فرمايو آهي تہ : "ڏک سکن جي سونهن،گهوريا سک ڏکن ري"، تيئن ڏک جي فلسفي کي اسان جو شاعرهي بہ اهم ڄاڻي ٿو. ان لاءِ مثال تو ڏئي تہ سج کي جڏهن سورن جي سوغات عطا ٿيندي آهي تہ اهو سوز ٻڌجي پوندو آهي. جڏهن سج سرخي ۽ لالاڻ جو ويس پائيندو آهي تہ پوءِ ئي روشني پکڙبي آهي ۽ ٻاٽ اوندهہ واري رات جي ڪُک مان روشن ڏينهن ڦٽي پوندو آهي.

عاجز ميرواهيءَ جي شاعريءَ جي هن مجموعي جو نالو ئي ٻانور ڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي تہ سندس شاعريءَ ۾ سندس دل جي درد ڪان وٺي ڌرتيءَ — ڌڻين جي درد تائين سموريون ڪهاڻيون ۽ روپ موجود آهن. ڀلي تہ هن شاعريءَ جي فني لوازمات سان گهربل انصاف نہ ڪيو آهي، پر مقصديت جي حوالي سان سندس شاعري اسان کي سوچ ۽ فڪر جا جهول آڇي ٿي.

عاجز ميرواهيءَ، پنهنجي شاعري تہ انفرادي طور تي اڪيلي سر ڪري ٿو، پر هن پنهنجي سموري دور ۽ دور جي حالتن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلي ٿو. ڪيترن حوالن سان تہ هو پاڻ دور جي واقعن جو شاهد ٻڌجي اسان اڳيان اچي ٿو. مثال جي طور بينظير ڀٽو جهڙيءَ لائق ۽ ناميار سياستدان کي هن اسان جي دور ۾ ، جهڙوڪ اسان اڳيان شهيد ڪيو ويو.

انهيءَ خون ناحق ۽ سانحي تي عاجز ميرواهي ۽ سندس شاعراڻي ذات هن طرح تڙپي پون ٿا:

موئن جا دڙا !
هاڻ تو سان وري
گلن جو دڙو هڪ
نهيل تو ڏسان !!

اسان جي اها الائي ڪهڙي بدنصيبي آهي جو "مهين جي دڙي" کان پوءِ اسان کي جهڙوڪ هر شيءِ دڙن جي صورت ۾ ملي آهي. پوءِ اهو دولهه دريا خان هجي يا مخدوم بلاول، هوشو هجي يا هيمون، سورهيه بادشاه هجي يا الله بخش سومرو، ذوالفقار علي ڀٽو هجي يا سندس نياڻي شهيد راڻي. خدا ڄاڻي ته سنڌ سياسي قتلن ۽ خون ناحق جي ڪهاڻين جو انت ڪڏهن ڏسندي.

غير، اسان جي سوچ ۽ لوچ جي سفر جي ائين رستي روڪ ڪن ٿا ته اسان وري انهن کان وڏيڪ قهري ظالم بڻجي پنهنجي عورت — ذات کي گجر موري وانگر ڳترا ڳترا ڪندا رهون ٿا. انهيءَ درد جي ڪهاڻي کي عاجز ميرواهي هن ريت بيان ڪري ٿو:

ڪنهن هڪ ٻئي ڏي جو واجهايو
ڪارو ٿي ويو، ڪاري ٿي وئي.

اسان پاڻ کي ڏاها، سيبتا ۽ سياڻا سڏيون ٿا پر پنهنجو اصلي حال ڪهڙو آهي ۽ زميني حقيقتون ڪهڙيون آهن، انهن تان عاجز ميرواهي هن ريت پردو هٽائي ٿو:

پنهنجا هردم ڏار ڏسان ٿو،
ڏاريا حملي وار ڏسان ٿو.
جنهن پي حق ۽ سچ ڳالهايو،
تنهن کي ڏاڍي مار ڏسان ٿو.
عدل هٽن ۾ ظالم جي آ،
هي ڪهڙا آثار ڏسان ٿو.

اهڙي صورت حال ۾ عاجزميرواهي جهڙو سڄاڻهو شاعر، جي دعا گهرندو ته اها هينئن نه هوندي ته ٻيو ڪيئن هوندي !

شال خدا هي لوڪ سنواري
پنهنجي هڪ احسان جي صورت !

عاجز ميرواهيءَ قومي نفسيات جو ڄاڻو شاعر آهي. هو عوام مان آهي، عوام جو آهي ۽ عوام لاءِ آهي. ان ڪري هن کي خبر آهي ته اسان جي سوچن ۽ لوچن ۾ ڪٿي ڪٿي ۽ ڪهڙا ڪهڙا روپ آهن. سندس هي شعر ملاحظ فرمايو:

آستين ۾ نانگ پالي تا رکون،
زهر کان توڙي سدائين پيا ڏڄون.
يا
پنهنجا ڪؤڙا، ڏاريا منڙا،
تي ويا رشتا ناتا آهن.
يا
ماڻهو ماڻهوءَ جو دشمن ٿيو ،
منفي سوچ ويچار ڏسان ٿو.

امت ذهن هرڪ [illegible] کي پنهنجي [illegible] پئي هو [illegible] پئي هوندي، ان ڪري اولاد والدين کي، والدين اولاد کي، عزيز مائٽن کي ۽ يار دوستن کي سڃاڻيندا ئي ڪونه . ايئن لڳندو ڄڻ ڪو ڪنهن جو ڏٺل ئي ڪونهي! تعجب جي ڳالهه ته اسان سنڌين هاڻي ئي پنهنجي لاءِ قيامت جهڙو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو آهي. رشتا ناتا بي معنيٰ بڻجي چڪا آهن. اسان هڪ ٻئي لاءِ ويري بڻجي چڪا آهيون. نفرت ڪرڻ ڪو اسان کان سکي . اسان جهڙوڪ ٻئي ماڻهي منهن مٽي وينا آهيون.

اهڙي نفرت ۽ اوپرائپ واري ماحول ۾ به اسان جا شاعر پيار جون ڳالهيون ڪن تا ۽ محبت جي تبليغ ڪن تا. اهو هن ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو معجزو آهي. هن مٽيءَ جي مٽيا ئي اور آهي. جتي دلين ۾ نفرت جي مڪمل دنيا آباد هجي، اتي ڪروڌي، ضدي، ڏاڍي ۽ ڏکي انسان سان محبت ڪرڻ مثالي ڪارنامي کان گهٽ نه آهي. سنڌ جي شاعرن انسان دوستيءَ جا اهڙا ئي مثال قائم ڪيا آهن. عاجز ميرواهي به انهن انسان —

دوست ۽ محبت جي مبلغ شاعرن مان هڪ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ عشق ۽ محبت، عاشق ۽ معشوق جا مکيہ روپ موجود آهن.

پيار ڇا آهي، ۽ ڪيئن ماڻهوءَ کي اڌ مئو ڪري ڇڏي ٿو؟ ان جو عاجز ميرواهي هن ريت جواب ڏئي ٿو:

پيار اڄڪلهہ جو ڇا ڪٿي ڇئجي
ڇڻ مليريا بخار وانگي آ

عاشق، پاڻ جهڙي انسان جي محبت ۾ ڪهڙي صورت حال مان گذري ٿو، ان تي عاجز ميرواهيءَ هن ريت روشني وڌي آهي.

ٿيس ڪاڻ جنهنجي هتي آءٌ عاجز
هُتي هوء اڄاڻ ڇا جي ڪريُ آ

●

مان ڏکيو توکان سوا منهنجا سڄڻ
زندگي سڪرات وانگي، تون نہ وڃ

●

مان بہ خوشيءَ [illegible] زندگي
جي سڄڻ منهنجو سهارو ٿي پوي

●

دوست دلبر ڏار آهي دوستو،
دل جي حالت زار آهي دوستو.

●

جاڳ ۾ مون کي جلائڻ واسطي
ننڊ نيڻن جي ڦنائي وُيو هليو

عاجز ميرواهي بنيادي طور تي لوڪ رنگ ۾ رتل شاعر آهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس فن ۾ سادگي ، فڪر ۾ عواميت ۽ بوليءَ ۾ سلاست نظر اچي ٿي. هن شاعري جي عمارت کي فن جي ٿنين تي رکڻ بدران پنهنجي اندر جي اڌمن ۽ احساسن، جذبن ۽ امنگن جي پيڙهہ سان تعمير ڪيو آهي. غور سان مطالعو ڪري ڏسبو تہ سندس شاعريءَ ۾ بلند خيالي جا معياري مثال پڻ نظر اچن ٿا. هي ملاحظہ فرمايو:

منهنجي من جا مور اچي ويا
غم الم مهمان جي صورت

تو بنا ڪاٿي اسان لئہ آ سڪون
بدلجي حالات وانگي تون نہ وڄ

•

گلن کي بہ آزاد ناهي ڇڏيو ويو
انهن سان بہ شامل ڪيئي خار آهن

عاجز ميرواهيءَ جي شاعري مقصديت واري شاعري آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ماروئڙن لاءِ پيغام آهي. جيڪڏهن اسان ان جو دل سان مطالعو ڪنداسين تہ يقين ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي نہ رهندو تہ عاجز ميرواهي فقط پنهنجي لاءِ نہ آهي، پر هن جي سوچن ۽ لوچن ۾ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارا موجود آهن. ان سلسلي ۾ ڪي مثال ملاحظہ ٿين:

واءُ ڏکيو آهي وريو يار هي
حال پنهنجو ڪيئن ٻڌايون دوستو!

•

تيز ڊوڙي تو زمانو جيڪڏهن،
پاڻ ۾ طاقت وٺي وک ڪا کڻون.

•

وڄجي هاري جنگ تڏهن ڀي،
هانو نہ هرگز هارڻ گهرجي.

•

ستارن بنا ڄڻ ٻسو آسمان،
۽ ڌرتيءَ ويچاريءَ کي سڪرات ڙي!

•

پيٽ کان پوءِ پيار جو آ مسئلو،
سونهن لئہ سينگار جو آ مسئلو.

•

ڪل خوشيءَ جا ڪوڙ خزانا،
ان هوندي ماتام نہ آٿيو

•

مرون ڀي جي عاجز! ائين ڇو مرون،
مري جڳ کي جڳمڳ اجارڻ ڪپي.

عاجز ميرواهيءَ جي شاعري جو هي چوٿون مجموعو آهي. ان کري سنڌس شاعريءَ جي معيار خواهه هن جي شاعراڻي قد و قامت جي اندازي لڳائڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌس سموري شاعري نظر مان ڪڍجي. مون جهڙوڪ خروار مان مُٺ ڪڍي، هن هڪ مجموعي جي آڌار تي سنڌس ذات ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. چوندا آهن ته "جي چپ ڏنا ته پوءِ ڏندن ڏسڻ جو کهڙو ضرور". انهيءَ مصداق شاعريءَ جو هي مجموعو ئي عاجز ميرواهي کي شاعري جي دنيا ۾ اتم کري بيهاري ٿو. ان کري سنڌس بيا ڪتاب ڏسجن يا نه ڏسجن، اسان کي اهو چوڻو پوندو ته عاجز ميرواهيءَ کي شاعريءَ سان عشق آهي ۽ انهيءَ عشق جي اجان ته ابتدا آهي، ان جي انتها ته ڪونه ٿيندي. البت سنڌس شاعريءَ جي رفتار، مقدار ۽ معيار ۾ روز بروز اضافو ٿيندو رهندو ۽ هي شاعر مجتا جون وڏيڪ منزلون ماڻيندو رهندو.

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ
باني
گل حيات انسٽيٽيوٽ

ويب سائيٽ: WWW.GULHAYAT.COM
اي ميل : DR_PATHAN@YAHOO.COM

06.02.09

پنهنجي پاران

هن ڪتاب لکڻ کان اڳ ڪتابن لکڻ ۽ ڇپرائڻ جون گهٽيون ئي سختيون سنيون اٿم، مگر پوءِ بہ پنهنجي مقصد کان نہ هٽيو آهيان نہ مٽيو.

شاعريءَ منهنجي مٿان ڪيئي موسمون آنديون آهن ! مون هر موسم کي؛ هر قسم جي شاعري ڏني آهي، طنز، مزاح، سنجيده، مزاحمتي ۽ عوامي رنگ وغيره. مون ذات ديويءَ جي جهوليءَ ۾ ڪيئي رنگ ڀريا آهن، هن سفر ۾ شروع کان ئي مون سان درد جو واسطو رهندو رهيو آهي. هاڻي تہ مورڳو ايئن ٿو لڳيم جڻڪ دردن سان ڪو اٽوٽ رشتو جڙي ويو اٿم.انسان پاڻ ۾ ڪدورت ڌاري ڪيڏو نہ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيندو ٿو وڃي. اسين ضد ۽ هٺ ڌرميءَ کي پنهنجو مسلڪ بڻايون وينا آهيون، نتيجي ۾ ويڇا آهن جيڪي وڃن ٿا روز بروز وڌندا. گلن جي هارن بدران ڪنڊن جون سيجون اسان جون سلامي آهن.

موت جهڙي حالات ڏانهن ڌڪيندڙ ڪير آهن؟ ٻيو ڪو ڌاريو ڪونہ، اسان جا پنهنجا آهن بلڪ اسان پاڻ ئي آهيون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان سفيد پوش ڌوهاري آهيون. اندر جي اڏمن ۽ احساسن جا قاتل آهيون. محبتن جو دم گهٽيندڙ آهيون. رشتن ۽ ناتن جا ويري بہ.اسان ئي آهيون. پوءِ اسان کان وڏيڪ قهرام برپا ڪندڙ ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي. اسان نفرتن کي پکيڙي ڪيئي گهر، گهراڻا ۽ نسلن جا نسل تباهہ و برباد ڪري ڇڏيا آهن. قبر حشر ۽ محشر اڳتي ڇا ! اسان هتي ئي اُهي برپا ڪري ڇڏيا آهن. قيامت! هڪ نئين قيامت، روز اسان جي قيادت سان جنم وٺي ٿي! نتيجي ۾ اسان روز دوزخ جو منهن ڏسي جيئون بہ ٿا تہ مرون بہ ٿا ! ها! جيئون بہ ٿا، مرون بہ ٿا.

اهڙن ئي دردن جي دنيا ۾ اڃا بہ جيئرو .... عاجز مير واهي
نري ميرواهہ

حمد

گهرڻ کان سوائي ب ڏيندو آ مالڪ
گهٽائي وڌائي ب ڏيندو آ مالڪ

هو ظاهر ب ڏئي ٿو ته باطن ب ڏئي ٿو
ٻُڌائي لکائي ب ڏيندو آ مالڪ

وسيلي بنا پي هو حاجت روا آ
وسيلو بڻائي ب ڏيندو آ مالڪ

ڪمي ناهي رب جي خزاني ۾ ڪائي
وڌائي وڌائي ب ڏيندو آ مالڪ

سمنڊ جي تري ۾ ب ڏاتار ڏي ٿو
زمين تي رهائي ب ڏيندو آ مالڪ

بنا ٿنڀ ٿونٽين جي آسمان ناهيئن
۽ ڌرتي وڇائي ب ڏيندو آ مالڪ

اهي شعر عاجز اچن ڪين از خود
اهي جڙ لکائي ب ڏيندو آ مالڪ

حمد / مناجاتِ

حال منهنجو يا خدا معلوم تو،
مان ٻُڌايان يا نہ ڪونهي فرق ڪو.

تون ئي جاڻين اَولُ و آخر سندم،
ظاهر و باطن ٻہ آ تنهنجو ڪرم.

شاه شاهن جا! هلي تنهنجو امر،
حڪم تنهنجو تو هلي پيو سر بسر.

وقت حالت کي متائين تون ئي تو،
سڀ اپائين ۽ نپائين تون ئي تو.

زندگي ۽ موت تنهنجي اختيار،
پست ٻيا بس تون آهين باوقار.

ڏي خدا توفيق تنهنجو شڪر ٿئي
هر گهڙي هر ويل تنهنجو ذڪر ٿئي.

03.07.08

دعا درخدا

اسان جا هي سڀ عيب مالڪ لڪايو
نه ظاهر ڪريو ڪين رسوا بڻايو

پليل آهيون پنڪيل توڙي جو ڪٺي
هدايت جو رستو نه هرگز وڃايو

اسان پنهنجي عملن کان پٺتي ٿي ويا سين
گناهن خطائن کان خلق ڇڏايو

سنڌ در تي جهولي جهليو ٿا پنوپيا
سخا جا او صاحب عطا ڪيو سوايو

عرض هي عاجز سندو شل قبوليو
مرڻ ويل ڪلمي سان مالڪ لڏايو

01.06.08

دعا درخدا

منهنجا مالڪ توبه زاري
تنهنجي در تي عمر ساري

ڏوهه گناهون بخشايان ٿو
پنهنجي عملين گهٻرايان ٿو

وٺ سنڌءِ آ ڏاڍي سائين
مهر ڪري شل پال پلائين

ٻنهين جهانن ۾ ٿيان سرهو
اندر ٻاهر ڪر تون اجرو

ڪلمي ساڻ پڇاڙي ٿي پئي
ڏاڍي باغ بهاري ٿي پئي

منهنجا سائين تنهنجو ڪرم آ
عاجز جو تو رکيو ڀرم آ

01.06.08

نعت

ڀالَ ڀَلائڻ آيو نبي سائين !
قرب ڪرائڻ آيو نبي سائين !

بندي ۽ رب وارو رشتو
پاڻ ملائڻ آيو نبي سائين !

ماٺهو زور آور ظالم ها
پيار ورهائڻ آيو نبي سائين !

درد وندن جون دليون نارڻ
درد مٽائڻ آيو نبي سائين !

ڪلمو پاڪ پڙهائڻ عاجز
بخت بڻائڻ آيو نبي سائين !

07.04.08

منقبت / نذرانۂ عقيدت

حُسين عالي مقام سهڻو
بلند و بالا تمام سهڻو

يزيديت کي ويو مٽائي
ڏئي ويو حق جو پيام سهڻو

حسين ابنِ عليءَ کان وڌ ڇا
ٻيو ڪو آهي اِمام سهڻو !

ڏئي سندا سِر تيا سوپارا
ڪٽيائون رب کان انعام سهڻو

نماز ۾ سِر رکيائون سجدي
پڙهيائون رب جو ڪلام سهڻو

هنن جو نالو نيارو قائم
جهڪي ڪري جڳ سلام سهڻو

انهن جي در جو گدا هي عاجز
سونهي ٿو گولو غلام سهڻو

غزل

بهارون تہ آيون مگر پنهنجو ڇا ؟
ڪٽي رنگ رچايون مگر پنهنجو ڇا ؟

خبر آ تہ خوش پاڻ ڪان هو نہ ٽيٽو
ڪلي پي ڳالهايون مگر پنهنجو ڇا ؟

قدر ناهي ٿيندو، ٻي قمرن اڳيان
مري ٻہ ملهايون مگر پنهنجو ڇا ؟

حقيقت ٿا ڄاڻون، ڇا سپنا ڏسون!
نہ ويندي ون جدايون، مگر پنهنجو ڇا ؟

وفا ڪنهن ۾ ناهي ڪو عاجز هتي
رڳيون ٻي وفايون مگر پنهنجو ڇا ؟

17.02.08

سڪڻيون گذرن راتيون ڙي
ديوارن سان باتيون ڙي

اونداهي آ يار سوا چڻ
اکڙين پاتيون جهاتيون ڙي!

ماڻهن جي دل ۾ نه محبت
هٿ سندن ۾ ڪاتيون ڙي!

صبر جو دامن آهي ڇڏايل
باهه پريون سڀ ڇاتيون ڙي!

سوز نه آهي ساز نه آهي
لامعنيٰ ڪل لاتيون ڙي!

اکيون ۽ دل عاجز اڄڪلهه
يار سڄڻ لئه آتيون ڙي!

درد مليا درد مان جي صورت
سورن جي سامان جي صورت

منهنجي من جا مور اچي ويا
غم الم مهمان جي صورت

يار اڏوريون آسون منهنجون
اڻپوري ارمان جي صورت

جان ڏيئي ويا ڪيئي جوڌا
جڳ جي لئه جيئدان جي صورت

عرش ڪان اچڻو آهي ڇا ڪو ؟
اعليٰ ڪنهن انسان جي صورت

شال خدا هي لوڪ سنواري
پنهنجي هڪ احسان جي صورت

02.01.08

پنهنجا هر دم ڏار ڏسان ٿو
ڏاريا حملا وار ڏسان ٿو

جيڪو حق ۽ سچ ڳالهائي
تنهنکي ڏاڍي مار ڏسان ٿو

محبت جو هي آهي بدلو
دل جا ٽڪرا چار ڏسان ٿو

عدل هٿن ۾ ظالم جي آ
اُگرا هي آثار ڏسان ٿو

بيوس باندي قيد ۽ بند ۾
دنيا ئي لاچار ڏسان ٿو

جيئن ڏکيو جڳ ۾ ماڻهو
پاڻ مرڻ لئه تيار ڏسان ٿو

08.01.08

درد شڪليون جڏهن پي ڏاري ٿو
سڄي حقيقت سڄي ڏيکاري ٿو

سرخ ٿيندو آ سج سورن ۾
روشني پوءِ تڏهن پڌاري ٿو

آسمان وانگي دل سندي حسرت
هر ڪو جذبو پکي اڏاري ٿو

هي شهر ڇو نہ ٿو ڇڏي مونکي
مان وجان ٿو ڪوئي بيهاري ٿو

رات تارا ڏسي پيو جاڳان
ڪير ٽپڪي اچي سمهاري ٿو

يار پياري جي لئہ اجان عاجز
پيو ٿو گوندر گهٽو گذاري ٿو

17.02.08

رات ڪٽڻ ڪان پاري ٿي وئي
اونڌهه جڻ آ طاري ٿي وئي

سورهيہ روز ڪُسن ٿا ! شايد
پنهنجن ۾ غداري ٿي وئي

ڪنهن هڪ بئي ڏي جو واجهايو
ڪارو ٿي ڏيو ڪاري ٿي وئي

ٺڳ سماج زمانو ظالم
جيئڻ ڪان لاچاري ٿي وئي

دل جوڙڻ جو شوق هيو پر
عاجز دل آزاري ٿي وئي

درد جو درمان تيو ڪڏهن پلا!
آ جيئڻ آسان تيو ڪڏهن پلا!

جو سجايم خوب پنهنجي دل جو گهر
ڪو اچي مهمان تيو ڪڏهن پلا!

تي سگهيو ناهيان ملائڪ جي نہ مان
هو بہ هڪ انسان تيو ڪڏهن پلا!

جو لکيو، سو تي ويو، تسليم ڪيم
پوءِ نہ هي ارمان تيو ڪڏهن پلا!

پاڻ پلجي پي ڪٺي نالو منهنجو
مان مجان احسان تيو ڪڏهن پلا!

دنيا ۾ نفرت ڪي دان
پيار محبت جو فقدان

رشتا ناتا ساءُ ڇڏي ويا
هر ڪو ماڻهو آ حيران

دل جون آسون راس نه آيون
ويتر تي پيو آ ارمان

انسان ۾ اُنس نه آهي
پيار پريت رکن حيوان

سهٽي سوچ ڪا اهڙي ڏارج
جنهن سان مشڪل ٿئي آسان

سک نه آهي سانت نه آهي
گوڙ ئي آهي ۽ گهمسان

عاجز ايئن گذارج هتڙي
گهڙي جو جيئن مهمان

سوچ اڄڪلهه آزار وانگي آ
آپگهاتي بمبار وانگي آ

پيار اڄڪلهه جو ڇا ڪٿي ڇئجي
جڻ مليريا بخار وانگي آ

يڪ طرفه ڪجهه محبت پيي
پارٽيءَ جي وقار وانگي آ

اُنس الفت جو حال هيٺو ٿيو
ڏيهه ۾ جڻ ڏڪار وانگي آ

ڪا نه آهي خوشي رهي عاجز
جيت پيي جڻ ته هار وانگي آ

تيو جيئڻ دشوار آهي ڇا ڪجي؟
زندگي آزار آهي ڇا ڪجي؟

جنهن سڄڻ گڏجي رهڻ جا قول ڪيا
سو بڻيو بيزار آهي ڇا ڪجي؟

پيار جي راهن تي پٿر ءِ ڪندا
سر مٿان تلوار آهي ڇا ڪجي؟

پاڻ ٻڌندو بئي ڪي تو بوڙي وجهي
هي عجب اسرار آهي ڇا ڪجي؟

دوستيءَ مان دشمني تيندي ڏٺم
ناهه مان تڪرار آهي ڇا ڪجي؟

هن زماني ساڻ عاجز ڇا وڙهي
پاڻ جو لاچار آهي ڇا ڪجي؟

19.01.08

وري يـــاد آئـــي هئـــي هــر دفعـــي
اســان كــت ڀُلائـــي هئـــي هــر دفعـــي

رهـــي اڳ ۾ اوندهـــ ســجي ذهـــن تـــي
وري روشـــنائي هئـــي هـــر دفعـــي

اكيلـــو هـــيس مـــان اكيلـــو خـــدا
ڳـــڏيل ڪُـــل خـــدائي هئـــي هــر دفعـــي

جيـــئن رڃ جـــي صـــحرا جـــو منظرهجـــي
تيـــئن هـــيءَ جـــدائي هئـــي هــر دفعـــي

وفـــا منتظـــر كانـــ عـــاجز هتـــي
رڳـــو بـــي وفـــائي هئـــي هــر دفعـــي

ذهن ۾ الجهن ڏسان تو هاڻ پيو
باهه ۾ گلشن ڏسان تو هاڻ پيو

ديد ۽ دل جو سڪون جيڪو هيو
سو بہ ڄڻ دشمن ڏسان تو هاڻ پيو

قبر ۾ آهن اسان جون خواهشون
پاڻ کي مدفن ڏسان تو هاڻ پيو

فصل گل تي آ خزان حملو ڪيو
اجڙيل گلشن ڏسان تو هاڻ پيو

قاتلن کي ڪوس جو تيو شوق آ
ڪات وت ڪم سن ڏسان تو هاڻ پيو

19.01.08

طبيعت ۾ ٻِگوراڻ چاجي ڪري آ
اکين ۾ بہ ٻاڙهاڻ چاجي ڪري آ

وچن جنهن ڪيا پاڻ گڏجي رهڻ جا
ڦري سو ويو هاڻ چاجي ڪري آ

پڇيم پوپٽن ڪان چو گل ڏي وجو تا
چيائون تہ سرهاڻ چاجي ڪري آ

چا ايندو ڪڏهن هو، نہ آهي يقين هي
ذهن ۾ بہ چڪتاڻ، چاجي ڪري آ

تيس ڪاڻ جنهنجي هتى آءُ، عاجز
هتي هوءَ اٽڇاڻ چاجي ڪري آ

02.03.08

جيئن هن جو تا سڏايون دوستو !
اڻ لکيو جڻ تا لکايون دوستو !

ڪونه آهي جو قدر ڪنهن جو هتي
دل پيا ناحق لڳايون دوستو !

هو ڪڏهن پلجي به هت اچڻو نه آ
دل کي پيا هر روز ناهيون دوستو !

آ ڪٿڻ تي تيل ڏيئي جو اگر،
روشنيءَ لئه گهر جلايون دوستو !

جيئن هوا جو رخ هجي تيئن منهن ڏجي
ضد انهيءَ سان ڇو وڌايون دوستو !

دل ۽ دنيا گڏ هلي ناهن سگهيا
هڪ طرف جا پاڻ آهيون دوستو !

واءُ ڏکيو آهي وريو يار جو
حال پنهنجو ڪيئن بچايون دوستو !

چئو طرف چانداڻ تي پئي يار جي
سُونهن ۽ سرهاڻ تي پئي يار جي

پيار ۾ پرتو رهڻ آهي سنو
پر ڪڏهن چڪتاڻ تي پئي يار جي

دل ۾ اونده جا وڏا آثار ها
روشنيءَ اهجاڻ تي پئي يار جي

هي حياتي موج مستيءَ ۾ مچي
سڪ سچي جي ساڻ تي پئي يار جي

تنهنجو عاجز تنهنجي لئه سڪندو وتي
هي انهي ڪي جاڻ تي پئي يار جي

29.02.08

آستين ۾ نانگ پالي تا رکون
زهر کان توڙي سدائين پيا ڏچون

هت چوڻ ۾ ۽ ڪرڻ ۾ آ فرق
يار! سادا هئون، پنيان ڪنهن جي لڳون

شهر تيا ڪندر تہ ماڻهو پي تباهہ
چو نہ پوءِ عبرت اتان حاصل ڪريون

ڏوڙ دنيا ۾ چمڪ ڪاتي ليي
پاڻ مشتاقن جيان ان کي ڏسون

جي هوا ۾ آ تواضع تان سنو
نہ تہ انهيءَ ۾ ڪوڙ طوفان ۽ جهَکون

تيز دوڙي ٿو زمانو جيڪڏهن
پاڻ پي طاقت وني ڪا وِک کڻون

ويسلو عاجز نہ ويهڻ ٿو کپي
هر هميشہ سوچ ڪا اڳتي رکون

جاڳي رات گذارڻ گهرجي
ويٺي سج اڀارڻ گهرجي

هن جي مرضي پل هو وساري
پاڻ ته هن کي سارڻ گهرجي

جهڙي تهڙي ته به هيءَ حياتي
اوکي سوکي گهارڻ گهرجي

وڃجي هاري جنگ تڏهن ڀي
هانوَ نه هرگز هارڻ گهرجي

تيل وڃڻ سان ڏيئا روشن
پاڻ به ڪڏهن ٻارڻ گهرجي

عاجز آهي نيڪي اڄڪلهه
درد ونڊي دل ٺارڻ گهرجي

18.03.08

جوڻ جون سنيارون ٽيون ماري وجهن
پرين جون پچارون ٽيون ماري وجهن

ڏسان صبح ويلي لڙي شام تي
پکين جون قطارو ٽيون ماري وجهن

سڄي رات ٻاري اکين جا ڏيئا
ڏِگن ۾ نهارون ٽيون ماري وجهن

وسڻ جا ڪري ويس بادل وريا
مندون ۽ ملهارون ٽيون ماري وجهن

وري آءُ جلدي ڇڄي هانوَ ٽو
مون کي ير ميارون، ٽيون ماري وجهن

16.03.08

ايئن تو اڄوڪي ڏسان رات ڙي !
جيئن مُند بنا ڪائي برسات ڙي !

سدا دل تي چاهي سڄڻ روبرو
ڏين ڪٿ اجازت تا حالات ڙي !

ستارن بنا جڻ ٻسو آسمان
۽ ڌرتي ويچاريءَ ڪي سڪرات ڙي !

ڪري نند ڪهڙي طرح ڪو ڏسي
سمهڻ ڪيئن ڏيندا هي فڪرات ڙي !

ورهيه ويا وهامي مگر گهٽ نه ٿيا
ويا جيءَ جهوري هي جذبات ڙي !

اکين جا اوجاڳا ڪٽڻ جا نه ٿيا
پري پهچ ڪان جڻ ته پريات ڙي !

جواني ته عاجز! ڏکي ٿي نيي
گهڙيون جيل ۾ جيئن ملاقات ڙي !

هر گھڙي آ رات وانگي تون نه وڃ !
زندگي فکرات وانگي تون نه وڃ !

تو بنا ڪاٽي اسان لئه آ سڪون !
بدلجي حالات وانگي تون نه وڃ !

مان ڏکيو توکان سوا منهنجا سڄڻ !
زندگي سڪرات وانگي تون نه وڃ !

اڄ به اڻ تڻ کوڙ آهن ڳڻتيون !
دل تي وهندڙ ڪات وانگي تون نه وڃ !

تو ڏسان پيو چوء طرف عاجز هتي
آهه ڄڻ خطرات وانگي تون نه وڃ !

شام لڙي جا پاڇا آهن
ماٺهن درد سڃاتا آهن

سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جڻ
ڌرتي کي پاراتا آهن

پنهنجا ڪوءڙا ڏاريا منتڙا
ٿي ويا رشتا ناتا آهن

تنهنجا طعنا تنڪا سهڻا
ڳل ڳچي ڪنهن پاتا آهن

ڪاتي هينان ڪنڌ تڏهن پي
گيت سياڻن ڳاتا آهن

هاڻ هلي آ عاجز تون پي
درد ونڊا ڪيئي آتا آهن

رهندي پياري ڪيستائين!
دنيا داري ڪيستائين!

بلڪل توري آهه حياتي
مُٺ ۾ واري ڪيستائين!

مائٽ مٽ ۽ دوست سڄڻ
يارو ياري ڪيستائين!

جو ڪجهه ڪرڻو سو بهتر ڪر
لوڪ مياري ڪيستائين!

موت آ اڻ تر، تنهن کان عاجز
ڪن لاتاري ڪيستائين!

22.04.07

هو پاڻ وساري ويئڙا ڇڏي
ڪا ياد ڏياري ويئڙا ڇڏي

ڪشتيءَ کي ڪناري لائڻ کان
وچ سير بيهاري ويئڙا ڇڏي

پنھونءَ کي وٺي ويا ڪيچي پر
سسئيءَ کي سمهاري ويئڙا ڇڏي

برباد ٿيئين دل ڪنهنجي ڪري
ڪنهن جي نه سهاري ويئڙا ڇڏي

غيرنُ تي ميارون ڇا عاجز
پنھنجا به ته ماري ويئڙا ڇڏي

16.10.07

جيڪـــڏهن دلبـــر اشـــارو تـــي پـــوي
جـــو ڪســـو ســـو يـــي پـــلارو تـــي پـــوي

مـــان بـــہ خـــوش تـــي هـــيءَ گـــذاريان زنـــدگي
جـــي ســـڄڻ منهنجـــو ســـهارو تـــي پـــوي

دل جـــي ڪشـــتي پـــار بـــئي پهچـــي وجـــي
ويجهـــڙو ڪـــوئي ڪنـــارو تـــي پـــوي

روز نظـــرن جـــون ڪليـــون تـــازيون تـــين
شـــبنمي هڪـــڙو نظـــارو تـــي پـــوي

ايتـــري يـــا رب ! هجـــي مـــون کـــي عطـــا
جـــو رڳـــو ســـولو گـــذارو تـــي پـــوي

01.01.08

توڪل جي ترهي ڪي ترندي ڏٺم
وهم وسوسن ڪي ئي ٻڏندي ڏٺم

رکيو پاڻ ڪي جنهن ٻه ڳچ ۾ گهٽو
هنڊايو نه تنهن، ڪيس روئندي ڏٺم

خزان ڪاٽي جيڪي بهارن ۾ پهتا
نوان گونچ تن تي ئي ڦٽندي ڏٺم

اول ٿيندي ڪاراڻ پوءِ روشني
انهيءَ ئي طرح مچ مچندي ڏٺم

پڳا جيڪي جهٽ سي وريا پي ته ٽڪڙا
رسيا دير جيڪي سي رهندي ڏٺم

وجائڻ بنا ڪجهه به حاصل نه آهي
ٻڏيءِ جا ته ٻيٽا ئي ٻٽندي ڏٺم

ڪٿي تيل ڏيئو ڪٿي دل جگر
ڪٿي جان عاجز جي جلندي ڏٺم

پيـــث كـــان پـــوءِ پيـــار جـــو آ مســـئلو
ســـونهن لئـــ ســـينگار جـــو آ مســـئلو

عاشـــقي انســـان لئـــ نـــاهي فقـــط
پـــر ســـجي سنســـار جـــو آ مســـئلو

درد جـــي لئـــ آ دوا لازم مگـــر
غـــم جـــي لئـــ غمخـــوار جـــو آ مســـئلو

هـــي حيـــاتي كـــا وڏي نـــاهي وِڻـــي
بـــس ڏِهـــاڙا چـــار جـــو آ مســـئلو

زنـــدگي عـــاجز گـــذر ٿـــي ٿئـــي مگـــر
ســـوچ ۽ ويچـــار جـــو آ مســـئلو

غم ۾ هيس غلطان پيو قصو نہ هو
هوش هو حيران پيو قصو نہ هو

پيار کي کن پاپ سمجهي هو وتو
پيو نہ هو عنوان پيو قصو نہ هو

زندگي ۽ موت آ هڪ سلسلو
تي رهيس مهمان پيو قصو نہ هو

زندگي هڪ قيد خاني ۾ ...ل
هر گهڙي زندان پيو قصو نہ هو

دل جي حسرت دل اندر عاجز اجان
اڻ ڳڻيا ارمان پيو قصو نہ هو

19.01.08

حياتي آ خدا جي هڪ امانت
تيڻ گهرجي نہ ان ۾ ڪا خيانت

بري ۽ پڻ پلي جي پرک گهرجي
عقل سان گڏ ضروري آ ذهانت

خوشيءَ سان يار پابنديون بہ ڪٽجن
هئڻ اختيار ڪان بهتر ممانت

خدا جي خلق جي خدمت ضروري
خدا جنهن جي ڪري اهڙي اعانت

هئڻ اڳ۾ ڏکن سان ئي نهي تو
خوشين جي پوءِ ڪا ملندي ضمانت

متان عاجز ڪرين ڪائي بہ غلطي
اندر مان روح جي ٻُڌجان ملامت!

يار تڪڙ ۾ شام نه آڻيو
اونده جو پيغام نه آڻيو

حق سچ آڻ گهرجي بيشڪ
ڪنهن تي پر الزام نه آڻيو

ڪل خوشيءَ جا ڪوڙ خزانا
ان هوندي ماتام نه آڻيو

سوچيو هر ڪم جي آخر کي
پاڻ برو انجام نه آڻيو

سوچيو جو ڪجهه بهتر عاجز
خيال مگر ڪو خام نه آڻيو

ٻن ٻيڙين ۾ هر ڪو سوار
ڪٿ الائي پهچي يار

ڊوڙن جي هر خواهش پويان
نيٺ تہ تڪجي ٿيندا خوار

ڏک ئي نہ ڪاٽين سک تا طلبين
يار اياڻا بي اعتبار

پاڻ نہ پرکي بئي کي ٽوکي
هل پيچ ڪاري واري ڪار

هيڪل ماڻهو کي جو هلڻو
عهـ .ز او لالچ طمع هزار

نادانن کي ڪرين نصيحت
عاجز هوش عقل ڪجهہ ڌار

18.12.07

سڀ خواهشون سهيڙي سينگار تا بڻايون
اڄ لڙڪ مُرڪ ميڙي گلذار تا بڻايون

محبت جي يار بدلي محبت اسان کي گهرجي
نيڪي جي بدلي نيڪي وهنوار تا بڻايون

ڌرتيءَ جو حُسن ڪوهي امبر ڏي وڃن ماڻهو
ڌرتيءَ فلڪ وچ ۾ ديوار تا بڻايون

ڏک سور ۾ رهي پي ظاهر ڪجي خوشيءَ کي
ماڻهوءَ جي لاءِ لازم ڪردار تا بڻايون

راتين جون راتيون جاڳي اوجاڳا اکين کي ڏئي
محبوب سان ملڻ جا آثار تا بڻايون

دل جـــو دلبـــر ڌار آهـــي دوســـتو !
دل جـــي حالـــت زار آهـــي دوســـتو !

تيـون ڏکيـون گـذرن حيـاتيءَ جـون گهڙيـون
هــر گهـــڙي ڄــڻ بــار آهــي دوســتو !

رات ڪـــاري تـــي لڳـــي دنيـــا ســـڄي
چـــو طـــرف مانـــار آهـــي دوســـتو !

ڪونـــ تـــو غمخـــوار دل جـــاني ملـــي
غـــم بـــ تـــارو تـــار آهـــي دوســـتو !

دوســـتيون يـــاريون بـــ مطلـــب جـــون تيـــون
پيـــار پـــي واپـــار آهـــي دوســـتو !

زنـــدگي ۽ مـــوت جـــو هـــي مســـئلو
ظـــاهري نـــروار آهـــي دوســـتو !

اڄ بـــ ڪـــنهن جـــي يـــاد ۾ عـــاجز وري
درد ســـان دوچـــار آهـــي دوســـتو !

رستا ناهموار اچين جي اچ پلين !
جيئڻ آ دشوار اچين تان اچ پلين !

گل جا خواهشمند ذهن ۾ هي بہ هجئي
هٿ ۾ لڳندئي خار اچين جي اچ پلين !

ڪل خوشيءَ جي راند نہ آهي يار وفا !
سر سوليءَ سينگار اچين جي اچ پلين !

عام تہ ڪوڙ زماني ۾ ايندا تون خاص
پنهنجو رک ڪردار اچين جي اچ پلين !

جهٽ گهڙيءَ جي آهي حياتي سوچ ڪجان !
موٽڻ لئہ رهہ تيار اچين جي اچ پلين !

روئندو آئين روئندو ويندين او عاجز!
سک نہ لهندئين يار اچين جي اچ پلين !

22.03.08

ڏير تہ آخر آهي ڏير
جهوڪ فنا جي رهندو ڪير !

منڊون موتيون يار نہ موٽيو
فصل پڪا ۽ چٽيا ٻير

عمر بہ توري ڪم بہ ڪيڏا !
پوءِ چو سستي ايڏي دير

جاڏهون آئين تاڏي ويندين
پنڌ انهي تي پاڻ ڪي هير

دنيا فاني منهنجا جاني !
رهندو رب، نہ بچندو ڪير

عاجز اُجرو ٿيندين تڏهن
جڏهين من مان ڪڍندين مير

وڌندو تاءُ ب گهٽندو آهي
اڳتي قدم ب هٽندو آهي

باهہ جو کم آ سکو جلائڻ
سائو پي کڏ سڙندو آهي

گڏجڻ ب کو وچڙڻ جهڙو
وچڙي پي کو ملندو آهي

اڻ پليو هک رب ئي آهي
بندو هر هر پلندو آهي

جيکو لُچندو سو ئي لهندو
محنت سان سپ سُهندو آهي

ويني ويني نند کندو ۽
خواب ۾ عاجز گهمندو آهي

31.03.08

رات سر تي آهي آيل چا ڪجي !
خواب سارا يار گهايل چا ڪجي !

محبتون انسان جي فطرت مگر !
نفرتون ڪنهن جون ٻڌايل ؟! چا ڪجي !

اڻ گهريا ڪنهنکي عطا تا تي وجن
سڪوندا پر ڪي سڪايل چا ڪجي !

شهر، ماڻهو، روڊ، رستا، اجنبي
جڻ بمن جا سي هيسايل چا ڪجي !

ڪيئن خبر پئي درد ٻي انداز جي
ڪيترو ڪوئي ستايل چا ڪجي !

آخرت جو فڪر عاجز ڪونه آ
سوچ ۾ سيڪو ورهايل چا ڪجي !

31.03.08

هيٺو جو ڏهن وڌندو آهي
ڏاڍو تـڏهن ڊڄندو آهي

سورهيہ موت تہ هڪڙو پيرو
ڪائر هر هر مرندو آهي

ٻادل ٻي ڪِٿ تنهن کي ڏوئين
رت ست سان جو لکندو آهي

آهن ککر سلامي ان جا
هيرن سان جو اڏندو آهي

ماٺهوءَ جي پيشانيءَ عاجز
پڙهيو وينو پڙهندو آهي

01.04.08

تنهنجي سنار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو
خوابن چار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو

هي ءِ حياتي جڻ ڪين حياتي آ
پر آثار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو

زور زمانو هي ڪونہ جيئڻ تو ڏي
دل آڌار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو

سک نہ پلئہ آهن ڏک ئي تيا ڏاجا
ڪل آزار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو

حيرت ئي آهي ماڻهو جي مَت تي
ڪيئن تڪرار ڪٿي، ڪوئي جيئي تو

01.04.08

اونده ٿي وئي تارن لئه
ڏيئا ٻريا چارن لئه

آتا ارپڻ لئه گل سارا
ڪنڌ نه ڪوئي هارن لئه

ايئن لڳي ٿو ڄڻ ته ڄمياسين
دنياوي آزارن لئه

❖ قت ڳلي جا شاهد آهن
ڪير مُئي آ نعرن لئه

روز سڪي ٿو هڪڙو عاجز
پيارن لئه دل وارن لئه

❖ بينظير ڀٽو جي شهادت جو ذڪر

خواب سهارا پي ٿيا ڪڏهن !
لهر ڪنارا پي ٿيا ڪڏهن !

پيار پڪو ٿئي پنهنجن سان ٿو
غير پيارا پي ٿيا ڪڏهن !

اونده سان آ جن جي نسبت
سي چنڊ تارا پي ٿيا ڪڏهن !

پيار تقاضا آ گڏ گهارڻ
ڏار گذارا پي ٿيا ڪڏهن !

يار بنا ڪي عاجز ڪنهنجا ؟
ياڳ نيارا پي ٿيا ڪڏهن !

09.04.08

سنئين ڪانيءَ تي بار ڏسان ٿو
ٿوڙيل سهٽا ڏار ڏسان ٿو

ماڻهو ماڻهوءَ جو دشمن ٿيو
منفي سوچ ويچار ڏسان ٿو

دوست بہ دشمن وانگر ٿي پيا
آهن حملي وار ڏسان ٿو

حرص حوس ۽ لهوپ طمع ۾
چاڪ چڱا بيمار ڏسان ٿو

رت جا رشتا ساءُ ڇڏي ويا
مائٽ مٽ بيزار ڏسان ٿو

روز پڇان ٿو عاجز خود ڪان
ڇا قيامت آثار ڏسان ٿو

23.04.08

يار پيارو ڪوئي ڪونهي !
نَيهن نظارو ڪوئي ڪونهي !

پاڻ ٻڌڻ جي آهيان ويجهو
يا تہ سهارو ڪوئي ڪونهي !

هر رستو ڄڻ چئو واٽو ٿيو
هڪڙو چارو ڪوئي ڪونهي !

دل جي دنيا اونده تي آ
چند ستارو ڪوئي ڪونهي !

هاڻ هلڻ جي تياري عاجز
چو تہ گذارو ڪوئي ڪونهي !

28.04.08

کير آهي وفا شعار ميان !
جنهن تي قائم ٿئي اعتبارَ ميان !

دل جي گلشن تي آ خزان آيل
پر نه آ موسمِ بهار ميان !

ڏينهن کان پوءِ رات جي آمد
بيقرارن کي ڪٿ قرار ميان !

خوف اميد جي سدا وچ ۾
زندگي موت گڏ گذار ميان !

هر صبح ساڻ پنهنجي ئي هٿ سان
درد پئجي تو ممنهن نهار ميان !

اهڙي طرح ٿا گذاريون عاجز
جڻ ته لاهيون ٿا پيا ميار ميان !

23.05.08

عجب زندگيءَ ۾ هي اسرار آهن !
سچا يار يي تي پيا اغيار آهن !

هتي صورتون ڪاتي فطري ملن ٿيون
ٿيا مورتن تي ڪيئي وار آهن !

گلن کي به آزاد ناهي ڇڏيو ويو
انهن ساڻ يي گڏ ڪيئي خار آهن !

نٿي سچ چواڻي قدر ڪنهن ڪان ماڻي
رڳو ڪوڙ جا ڪار وهنوار آهن

پڇان هاڻ ڪنهن ڪان مسئلو هيءُ عاجز
وڏيا ايڏا ڇاڪاڻ آزار آهن

الا ! اج سڄڻ کي سنيارڻ کپي
وري دل پٿر کي پگهارڻ کپي

خبر ناهي کهڙي هو گس کان اچي
اها راهه ويهي نهارڻ کپي

تڙپ پوڳنا بيقراري مان حاصل
ثمر زندگي لئه سينگارڻ کپي

جي اڄجي ته جڳ ۾ ڪجي ٿهڪڙو
جي وڃجي هتان جڳ روئارڻ کپي

ڏکين لاءِ ڏيڍ غمزدن لئه ملم ا
ايئن زندگي سنوارڻ کپي

مرون يي جي عاجز! ائين ’جو مرون
مري جڳ جهان کي اجارڻ کپي

24.05.08

آنڌي ۽ طوفان سدائين
سمجهه نٿي نادان سدائين

تيز هوائن جي اڳيان هي
ڪنهنجو آ نقصان سدائين

وقت غنيمت ڪي نه وڃائج
پوءِ رهندءِ ارمان سدائين

ڪنهن حالت مان جو نه پروڙي
ڇا سڌبو انسان سدائين؟!

سوچ سمنڊ ۾ پاڻ پريشان
عاجز آ حيران سدائين

14.05.08

ڪير اي دل موڪلائي ويو هليو !
جو صفا غم کي وڌائي ويو هليو!

رات ئي پرڀات آڻي ٿي ڏيئي
صبح جو تارو ٻُڌائي ويو هليو

ٿهڪ ۾ ڪي ڇهڪ شامل ها مٺا!
تنهن ڪري ڪوئي کلائي ويو هليو

جاڳ ۾ مون کي جلائڻ واسطي
ننڊ نيڻن جي ڦٽائي ويو هليو

سر سهائڻ جنهن سکيو هو سچ مٿي
ڪنڌ سو پنهنجو ڪٽائي ويو هليو

يار عاجز پي صفا درويش هو!
جو سندو سڀ ڪجهه لٽائي ويو هليو

31.12.07

دل دنيـــــا كـــــان پلجــــي بهتــــر
حـــرص و حـــوس كـــي جهلجـــي بهتـــر

دور رهـــــڻ آ ســـــک وڏائـــــڻ
پــــر کـــڌهن جـــي ملجـــي بهتـــر

ســـور تـــــ ســـونهان آهـــن پيـــارا
ڏک يـــارن ســـان ســـلجي بهتـــر

ســـادن ســـان ســـنڙو ٿـــي هلجـــي
چـــال نـــ کـــڌهين چلجـــي بهتـــر

جيكـــو حـــق آ مـــنهن تـــي مججـــي
كـــين تـــنهن كـــان الجـــي بهتـــر

گُهـــت بوســـت آ عـــاجز اڄكلهـــ
هيـــر هـــوا جيـــان گهلجـــي بهتـــر

هر گهڙيءَ پوئتي قدم آهي
ٿيو جڏهن کان وني جنم آهي

لعل و گوهر تہ قيمتي آهن
ڳولهہ ان کان بہ وڌ اسم آهي

روح جي پرورش ٿيڻ گهرجي
عارضي يار هي جسم آهي

پاڻ اختيار سڀ مليل توکي
ٻئي جي هٿ قلم ۾ .قلم آهي

بوند کي بحر تي وڃڻ گهرجي
جي ذرو آب ۾ فهم آهي

رهہ ڪرم ساڻ فرش تي عاجز
عرش تان رب ڪندو رحم آهي

02.07.08

ڪم نہ ڪجهہ پي ايندئي ڙي !
دشمن سڀ ڪجهہ ٿيندئي ڙي !

جو ٿو ميڙين يار هٿن سان
سو بہ تہ هليو ويندئي ڙي !

دل دنيا سان جوڙ نہ چريا
هيءَ ئي ڪڏ ۾ نيندءِ ڙي !

يار مرڻ تي ڪيل ختم آ
ڪجهہ نہ ڪرڻ پوءِ ڏيندئي ڙي !

سنڙا خيال جي هوندءِ عاجز
سهڻو ناءُ سڏيندئي ڙي !

02.07.08

ڏيهان ڏور وڃڻ جي تياري
آهي ضرور وڃڻ جي تياري

لوڪ لڏڻ تي يار ويچارج
تو يي حضور ! وڃڻ جي تياري

امر خدا جو مڃڻو پوندو
ڪج منظور وڃڻ جي تياري

راه رباني قائم عاجز
يَر مجبور وڃڻ جي تياري

02.07.08

حياتي يار فـَاني ٿي !
اتي ويچار فاني ٿي !

جواني جوش ۽ جذبو
ڏهاڙا چار فاني ٿي !

عمل جو هي جهان آهي
نه واندو وار فاني ٿي !

ڪرين ٿو بي ثباتي گڏ
عقل ڪجهه ڏار فاني ٿي !

فريبي رونقون ساريون
اکين ۾ چار فاني ٿي !

هلڻ لئه هيڪلو عاجز
سدا رهه تيار فاني ٿي !

31.05.08

آزاد نظم

اوهان جي ياد تازي آ
قبر تي پيل گلابن جيئن
اسان جي آس پڻ آهي
ڪجهه پوري مٽيءَ جهڙي
مٽي پڻ خشڪ ٿيڻي آ
گلابن کي بہ سُڪڻو آ
انهيءَ ڪانپوءِ ائين ٿيندو
قبر ڪا ٻئي وڃي نهندي
۽ گل بہ ڪي نوان ايندا
اهو ئي سلسلو رهندو
جي دليون ٿئنديون رهنديون!

شهيد راڻي بينظير ڀٽو - کي ڀيٽا

موئن جا دڙا !
هاڻ توسان وري
گلن جو دڙو هڪ
نهيل تو ڏسان !
مٽي پوري آهي
قبر هڪڙي تازي
سيرانديءَ کان ماڻهون
پيرانديءَ کان ماڻهون
۽ چئو طرف قبرون
کي آهون کي دانهون
کي لڙڪن قطارون
کي سڏڪا ۽ سارون
کي نعرا کي دنبها
موئن جا دڙا !
اي موئن جا دڙا !
اسان جي صبر جي هي آ انتها
وري لاش تنهنجي مٽيءَ جا مليا
وري لاش تنهنجي مٽيءَ جا مليا !

قسمت جي شناسن جون
انڌيون ئي اکيون آهن

هر عيب ثواب ڪري
۽ ثواب گناهه تا ڪن

الزام تراشن جي
گهيري ۾ تقدس آ

الزام بري ٿيڻ
اشراف جي وس ناهي !

گلن کي گلن جا
ڏجن ڪهڙا تحفا !

گلن کي تہ ڪنڊا
ڏئي ڪين سگهبا !

گلن کي تہ شبنم جي آهي ضرورت
گلن کي ڦڙا ماڪ جا پيا ٽا گهرجن

تڏهن ئي گلن ۾ ايندي رس رنگيني
تڏهن ئي گلن تي ايندا پونئر پيارا !

15.02.08

وائي

ڪتي انتظاري
اسان رات گهاري !

رهيا لڙڪ ڳڙندا
ڪري آه و زاري
اسان رات گهاري !

نہ موسم ملهايو
نہ جذبن ڪا ٻاري
اسان رات گهاري !

هيو چنڊ هيڪل
ستارن ڪان عاري
اسان رات گهاري !

گهڙيون سانت واريون
گذر تيون ڪي ياري
اسان رات گهاري !

چون تا پرھ تي
انهيءَ پوءِ پياري
اسان رات گهاري !

توکي سارينديي
يار سنپارينديي !
چڻ تہ حياتي ٿي ختم!

تون نہ ملين خالي
نيڻ نهارينديي
چڻ تہ حياتي ٿي ختم !

تو تہ وساريو، پر
توکي وسارينديي
چڻ تہ حياتي ٿي ختم !

ڳڻتين ۾ عاجز
عمر گذارينديي
چڻ تہ حياتي ٿي ختم !

29.02.08

چئوسٽا

جيستائين دوري رهندي
محبت ۾ مجبوري رهندي
آس ۾ جن جي ننڊ نہ پوري
تن جي عمر اڈوري رهندي

سور پينا سنجري کنيم نالو تنهنجو
جيئن لڳي هڈکي کنيم نالو تنهنجو
رات پر عاجز نہ اک منهنجي لڳي
سج ويو اُيري کنيم نالو تنهنجو

عاجز ميرواهيءَ جا ايندڙ مجموعا

وچوڙو ويراڳ

مقتلَ نامو

تلخ تجربا

نخرا نوان

قيمت 70 روپيه

غوث پيرزادي جي شاعري جو مجموعو

چيڪي مٽي

قيمت 100 روپيه







سنڌ ادبي اڪيڊمي

پڙهندڙ نسُل . پَ ڻَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڏ ڪان وڏ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)